رہراس صاحب

تے

کیرتن سوہلا

رهراس صاحب

۽

ڪيرتن سوهلا

پتا :- پريم سان پاٺ

ڇپائيندڙ :- ورندمل ٽيالداس

ڌن ستگرو نانڪ ديو




شال دينن جي ديال ستگرن جو سرڳواسي موهن لال
مٿان مهر ديا جو هٿ رهي. سندس آتما کي پنهنجن
چرنن ۾ جاءِ ڏئي، پرم شانتي بخشي.

ارپڻ پٽر

هيءَ اموليڪ ۽ پويتر پستڪ ستگرن
جي واڻي ”رهراس صاحب ۽ ڪيرتن
سوهلا“ سرڳواسي موهن لال جي مٺيءَ
۽ امر ياد ۾ ارپڻ ڪريون ٿا.

ارپڻ ڪندڙ
سندس پتا ماتا
ورندمل ۽ هيڪي ٻائي
۽ سندس ڀائر
هيرانند
پرڀداس
نريش
هرديال
۽
هريش ڪمار



سرڳواسي موهن لال ورندمل آسواڈي

جنم : ۵ جولاء ۱۹۵۲ع

سرڳواس : ۲۴ اپريل ۱۹۷۴ع

سنگرام سواءِ

هي پنو اسر پستڪ پياري موهن جي ياد ۾ ڇپائي پڌرو ڪجي ٿو. شال ٿوهان ايشور در اها پرارٿنا ڪريو ته موهن کي پرم پتا پرميشور پنهنجن چرڻن ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس آتما کي شانتي بخشي.

موهن جو جنم ٻراڳڙهه ۾ ورڌومل ڏيالداس جي گهر پرڀات ويلي ساڍي پنجين ٻجي تاريخ ١١ آکاڙ سنبت ٢٠٠٩ برابر ٥ جولاءِ ١٩٥٢، ڇنڇر ڏهاڙي ٿيو هو. سندس ماءُ جو نالو هيڪي ٻائي آهي. ساوڻ ورهين جي ڦوهه جوانيءَ ۾ هو سرڳواس پڌاريو. ڀڳوان جي ليلا ۽ عجيب آهي. سندس مايا اپرمپار آهي. ڪٿي جدا پيا جيئن. ڄڻ ڪي هٿان ڪان هلاڪ ۽ ساهه ڪڍڻ ڪان لاچار آهن تن کي پيو لڳائي پر جي اچا ڪايءَ مثل يا ڪايءَ مان ڦٽي گل مس ٿيا ٿين ته ايشور کين دنيا جي بهار ۾ ساهه کڻڻ يا سنسار جي سکن مائڻ کان اڳ ئي پاڻ وٽ گهرائي ٿو وٺي. خبر نه پوندي آهي سندس هيءَ ڪهڙي مايا آهي؟ انسان سندس هن اچرج جهڙيءَ ليلا تي سوچي لڇي پوندو آهي ۽ آخر سندس مک، مان اهي ئي اکر ڪڍندا آهن ته شايد ايشور اهڙن پراڻين لاءِ هن دنگي

دوست کي ڪا معمولي چوٽ رسي. هن اُٺي يڪدم موهن
کي سڏيائين ۽ موهن کي ٽانگو ڏيئي واپس وٺي آيو. گهر پهچڻ
تي ڪجهه ئي وقت گذريو هوندو ته موهن جي حالت وڌيڪ
بگڙجي وئي. ڊاڪٽر آيو ليڪن هن به موهن جي حالت
کي ڏسي چيو، هن کي هينئر جو هينئر وڏي اسپتال
پهچايو. اُن ئي وقت موهن کي وڏي اسپتال پهچايو
ويو. جيجل کي کهڙي سڌ؟ جنهن موهن کيس چيو هو
ته امان بس مان اجهو موٽي اچي ٿو روٽي کائڻ سو
وري هن گهر جي روٽي ڪونه کاڌي. اُٺين ڏينهن
رات تي موهن جي جسم روح جي پڃري مان پران پکيئڙو
پرواز ڪري اُڏامي ويو. ماءُ گوڏا ۽ چاڙي پٽي، ٻار
ڪڍي رُئڻ لڳي، "اڙي موٽڪي جي اهڙي سڌ هجي
ها ته منهنجو اڪيلو موٽڪي اهو دلاسو ڏيئي ٿو وڃي،
ته مان بس اجهو موٽي ٿو اچان ته مان کيس وڃڻ ئي نه
ڏيان ها. مون کيس ڇو وڃڻ ڏنو."

پر اها ڪنهن کي ٿي خبر پوي؟ ڪرتار جي اُڪير ۾
ڪنهن هٿ ڪونه وڌو آهي ماءُ پيءُ ڀائر ڀيرون ۽ ٻيا مٽ
مائٽ، يار دوستار، سنگي ساٿي سڀ سڏڪا ڀري ڳوڙها
هڻڻ روئڻ لڳا. موهن ٻارڻ کلندو ويندو پر ڳليان سڀني
کي روئاري ويو. هو مائٽن جي من جو مٺيو، پيءُ ماءُ
جي اکين جو اُجالو ۽ دوستن جو دلارو يار هو. هميشه
ٽهڪ ڏيئي پيو کلندو هو. ڪنهن نه مصيبت کي هوءُ

دليا کان وڏڪ پاڻ وٽ ضرورت ٿو سمجهي. هو نٿو ۽ هي سنسار هڪ ڏوکو ٿي آهي پر موهه ۾ قاتل (جڪڙيل) هي انسان ڪٿي ٿو اهين سمجهي ته هي سنسار هڪ ڏوکو آهي، محض ڏوکو! منش جي اکين ۾ موهه جا پيه چڙهيل آهن، جن ڪري اهو سنسار کي سکن جو گهر ٿو سمجهي ۽ آئينده جي ڪالهڪ اجالي ۾ سنسار کيس اندرلٺ جي رنگن جيان بيحد ٿي سندر ۽ رنگين ٿو ڀاسي. ليڪن هي من ان وقت ڪيڏو نه ڏکي ٿو ٿئي جڏهن ڪانئس موهه جهڙي ڪا چيز کسجي ٿي وڃي: پر هي ته ڪيڏو نه اسرار آهي اجا هاڻ ته اها چيز سندس اکين سامهون هئي. موهن ان وقت دڪان تان گهر موٽيو ٿي هو؛ يڪدم ٿي وري ٻاهر وڃڻ لڳو ته ماءُ چيس، "موهن روٽي تيار آهي کائي وڃانءِ، وري الائي ڪيڏي مهل اچين!" موهن ٻاهر ويندي ويندي چوندو ويو، "اما بس ماني اچي موٽي ٿو اچان."

۽ هو اسڪوٽر تي سوار ٿي هليو ويو. ان وقت موهن سان گڏ، پٺيءَ سيٽ تي سندس دوست به ويٺو هو. ان وقت هو ڀوپال وڃي رهيا هئا. ٻئي ڏاڍو خوش هئا. سندن ٽهڪ فضا ۾ گونجي رهيا هئا جو اچانڪ اسڪوٽر رستي جي ڪناري تي لڳل پٿر جي سائين بورڊ سان وڃي ٽڪرايو ۽ ٻئي اونڌي منهن وڃي ڪريا. موهن کي دماغ وارو سخت ڌڪ لڳو پر سندس

جي پرلوڪ ۾ اڪيلي گهرج آهي. جن جي هِن لاءِ
آهي اُن جي اٿ ۾ لاڀ آهي. الهيءَ سبب ڪري ئي
شايد ايشور ڪيس پاڻ وٽ جلدي گهرائي ورتو. مائٽن لاءِ
سندس هن وڇوڙي جو ڏک سهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي پر
ٻيو س انسان سواءِ ايشور جو منو ڀاڱو ڪري ٻوڙڻ ڪانسواءِ
ٻيو ڪري ئي ڇا ٿو سگهي! اهڙي وقت انسان پاڻ کي
ايڪ قسم جا پر ٻوت ڏٺي پنهنجي من کي ڪٿي جي
ڪوشش ڪندو آهي پر ڪڏهن ڏک اڏو
نه وڌي ويندو آهي جو ڪوه پربوت الس الڙ ڪري
نه سگهندو آهي. موهه جو مارل من بيحد بيچين
دکي ٿي پوندو آهي.

بدر ڏهاڙي تاريخ ۲۴-۳-۷۴ جي موهن پيارو
راهه رباني ولي رمندو رهيو.

هو وٺو هلمو ۾ پنهنجي سگند هت ڇڏي ويو جا
هميشه مترن هواه ٻين لاءِ هڪ مثال ٿي رهندي.
انسان دنيا مان ويڻ وقت ٻيو سڀ هت ڇڏي ٿو وڃي
اگر پاڻ سان ڪجهه کڻي ٿو وڃي نه آها هڪ ئي چيز
صرف هڪ، پنهنجو سداچار!

ايشور در اهائي آراڌنا آهي نه شل سندس آتما کي
هميشه هميشه لاءِ پنهنجن چرڻن ۾ شڪتي رکي.

ستنام شانتي! ستنام شانتي!! ستنام شانتي!!!

مائٽجي مرُس تي منهن ڏيندو هو. ان سالن جي عرص
۾ هُو وانءِ رانار ۽ ڏاڏي ڏاڙهيءَ ۾ اهڙو هوشيار ٿي
ويو هو جو اُن جي ٻانهو ٿي ته سنڌس لاءِ سچائي ۽ اميد و
سرڪاب ٿيون. هُو تمام ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان ڏين
ڪندو هو. ڪهڙو ڪرڻ لاءِ هُو سکيو ٿي ڪون هـ
ٿي جو ٽڙو پڙهوءَ طرف هوس. صبح جو سوال اِشـ
ڪري ٻهراڻي گرداري ۽ وچي مٿو ٽيڪيندو هو،
ويندو هو دوڪان ڏي. اُتي سوکيءَ ۾ پڙهوءَ کي
ڪندو هو. هن ٽراڙهه گوٺ ۾ پيانو گهر ٺهرايو هو
پوءِ سنڌس سرڪار ٻاٿسان سنڌس مٿي مسائل ۽ دو
ڪنهن اُن پيانو گهر کي ٽڪرو ٿيو. اُلي هنن شـ
ڏسڻ ڏي سکو سنسار ۾ ٿيندو آهي.

مرهن ١٢ درجا پڙهيو هو پر اُن کي دلبادريءَ وا
سگها سڌي سگهڻي ٿو. جونڊا آهن اِنسان ٽڻي ڪيتر
پڙهي ۽ جي پڙهڻ ڪان پوءِ هُو ڪڙهي نٿو ته هن
اهو ڪيترو پڙهڻ؟ سچي سکيا جيڪا مرهن پسرا
ڪئي سا مائٽن ايمان اَدب لشڪرت ۽ آڌيا ۾ هاڻي، ڪ
سان ۽ ڪوڙو نه ڳالهائڻ، ڪنهن لاءِ به دل ۾ ڌ ڪا
رکڻ، پنهنجي ڏوار پراڻي سان همدرديءَ وارو ور
هلڻ. سنڌس سالنڪي سياءِ ڪري هسرڪو ڪ
گذرندو هو، مثالـئس ٻاهر ايو واندو هو.

پر چوندا آهن جن جي هن لسوڪ ۾ ڪدرت آهي

رهراس صاحب

"رهراس" لفظ ٻن لفظن "راهہ راست" جو جڙيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سڌي واٽ. (راهہ = واٽ، راست = سڌي). ڪي وري رهراس جو ارٿ پوري رهڻي ڪن ٿا (رهہ = رهڻي، راس = راس ڪندڙ يا پوري). آهستي آهستي أنهيءَ لفظ جو ارٿ پرارٿنا يا ارداس يا نمسڪار ٿيو آهي، ڇو جو پرڀوءَ کي پرارٿنا يا ارداس يا نمسڪار ڪرڻ ئي هن جيوَ لاءِ پوري رهڻي آهي.

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

سلوڪ محلا پهلا

(دک دارون ۽ سک روڳ)

آتانڪا:- هن پؤڙيءَ جو پهريون سلوڪ ۽ راءِ بلار کي چيل آهي. راءِ بلار هڪ ڌنيي سري گورو نانڪ صاحب جن کي بيابان ۾ اڪيلو ويٺو ڏٺو، أن وقت پاڻ ۾ سندن پاسي ۾ وڃي ويٺو. گورو صاحب ڌيان ۾ هئا.

ستگرو
نانڪ ديو
جو
آسرو
۽
آڌار

ڪرڻان تو نه آهو ٿو ٿئي.

[ڪرتا = ڪرتب يا ڪم.]

ٻاهاري قُدرتِ وسندا، تيرا انتُ نه جائي لکِندا

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- آءُ ٻاهار وچان لوڪان جو تون پنهنجي قدرت يا طاقت سان سڀ ۾ وسي رهيو آهين. تنهنجو انت ڪنهن کان جاتو نٿو وڃي.

جاتِ مهِ جوتِ، جوتِ مهِ جاتا،

اَڪَل ڪَلا ڀرپوُرِ رَهِئا.

ارٿ:- ساريءَ سرشٽيءَ ۾ تنهنجي جوت آهي؛ تنهنجي جوت ۾ ساري سرشٽي آهي. تنهنجي قدرت جي ڪا ڪل ئي ڪانهي، ۽ تون ڀرپور آهين.

[جات = سرشٽي.]

تون سچا صاحبُ صفتِ سُئالهِه،

جِنِ ڪيتي سو پارِ پَئِدا،

ڪَهُ نانڪ ڪَرتي ڪِئا ٻاتا،

جو ڪِڇُ ڪَرڻا سُ ڪَرِ رَهِئا.

ارٿ:- تون سچو مالڪ آهين؛ سڀڪو تنهنجي صفت

جڏهن سماڌ مان اٿيا، تڏهن راءِ بلار هٿ جوڙي ونتي ڪري چيو تہ، ”سائين، مونکي ڏکہ سکہ جو ڪارڻ ٻڌايو، ڇاڪاڻ تہ هنڌري بيابان ۾ جتي ڏک ئي ڏک ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اُتي اوهين سکي ڪيئن ٿا ڏسبا رهو؟“ صاحب فرمايو تہ سنسار جي سکن ۾ روڳ آهي، ڇاڪاڻ تہ پربو وسريو ٿو وڃي اِ؛ اُنهي روڳ جو دارون ٻيا علاج ڏک ئي آهي، جنهن ۾ پربو ياد پوي ٿو.

ڏُکُ دارُوُ سُکُ روڳُ ڀيا،

جا سُکُ تامِ نہ هوئي

ارٿ :- هن جو لاءِ ساڌنائن روپي ڏک گويا دوا آهي ۽ وشين روپي سک روڳ يا بيماري آهي. جمسنائين (سنساري) سک آهي ليسنائين (پرماتما جي نام ھمرڻ جي) اچا نتي ٿتي.

نوٽ :- ياسڻجي ٿو تہ ”تام“ لفظ جو اصل ”طمع“ آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ”خواهش.“ سنسڪرت ۾ ”نام“ لفظ آهي، جنهن جي هڪڙي معنيٰ چِنتا آهي.

تون ڪَرتا ڪرڻا مي ناهي،

جا هَؤُ ڪري نہ هوئي

ارٿ :- تون ڪرتار آهين، سڀئي ڪمن جو ڪندڙ آهين، مان ڪجھ بہ نہ آهيان. مان ڪجھ بہ ڪئي ڪوشش

ڳاوڻِ ڳُڏنو پَوڻ پاڻي ٻِگسنتر،

ڳاوي راجا ڌَرمُ دُئاري

ارٿ:- اَني ڪيترائي تنهنجي جس جا راڳ راڳڻيون سميت پيا ڳائين ۽ ڪيترائي تنهنجو جس ڳائڻ وارا آهن. پون، جل ۽ اَگني ديوتائون به تنهنجي صفت ڳائن ٿا ۽ ڌرم راجا به تنهنجي دروازي تي بيهي تنهنجي صفت ڳائي ٿو.

ڳاوڻِ تُڏنو چِتُ گپَتُ لِکِ جاڻن،

لِکِ لِکِ ڌرمُ ٻيچاري

ڳاوڻِ تُڏنو ايسَرُ برهما ديوي،

سوهَنِ ڪبري سَدا سَواري

ارٿ:- چتر ۽ گپت به توکي ڳائن ٿا جي (جيون جي ڪرمن جو) ليکو لکي ڄاڻن ۽ جن جي لکئي تي راجا ڌرم راء ويچاري (نياء ڪري) ٿو. شو، برهما ۽ ديوي جي تنهنجا بڻايل آهن ۽ جي تنهنجي در تي سدائين سوهن ٿا، سي به توکي ڳائن ٿا.

نوٽ:- چتر ۽ گپت اهي ٻه ديوتائون جوڙ ۾ ايندا آهن، جي جيون جي پاپ ۽ پنج روپي ڪرمن جو ليکو لکي ڌرمراء جي اڳيان پيش ڪندا آهن، پر اهو هڪڙو

آهي. جن لهجي حشت ڪني، سي سنسار ساگر کان پار
ٿيا. صاحب پرمانتما ته ڪرتار جون ڳالهيون ورنن ڪرڻو ٿو
جن کي جيڪي ڪرڻو هو، سو ڪري رهيو آهي.

١- سودر راڳ، آسا محلا پهلا

ايڪ اونڪار ستگور پرساد

سودر تيرا ڪيها سو گهر ڪيها،
جت ٻهه سرب سمالي
واجي تيري ناد انيڪ اسنکا،
ڪيتي تيري واون هاري

ارٿ:- (هي پرماتما!) اهو لهجو در ڪهڙو آهي
۽ گهر ڪهڙو آهي، جتي وهي لون سڀني جي سنڀال
ٿو ڪرين؟

اتر:- اُتي لهجي (اسنک ڳالهه) لاه بيشمار واجا
ٿيا وڄن ۽ ڪيترائي اُنهن جي وڄائڻ وارا آهن.

ڪيتي تيري راڳ پري سئن ڪهيئه
ڪيتي تيري گاوڻ هاري

اوِن ڏنڏنو رَڳن اُپائي ڏيري،

آنَسَتِ ٻيِرَٿَ نـالـي

ارٿ: اُپڇرائون، جي من کي موهيندڙ آهن، سي
رڳـ ۾، مرت لوڪ ۾ ۽ پاتال ۾ لوکي ڳائين ٿيون.
هنجا پيدا ڪيل (امرت آدڪ) رتن، ٦٨ تيرٿن سميت
وکي ڳائين ٿا.

اوِن ڏنڏنو جوڌَ مَها ٻَـلَ سوُرا،

ڳاوِن ڏنڏنو کـاڻي چـاري

اوِن ڏنڏنو، کَنڊَ مَنڊَلَ ٻِرَهمنڊا،

کَرِ کَرِ رکي ڌيري ڌاري

ارٿ:- لوکي جوڌا، مها ٻلي سوُرما ۽ چئني کاڻين جا
يو ڳائين ٿا. کنڊ ۽ ديس ۽ برهمنڊ، جي تو رچي رچي
هنجي آڌار تي بيهاريا آهن، سي به لوکي ڳائين ٿا.

نوٽ:- کاڻيون مڙئي چار آهن:- (١) انڊج = آنين
ن پيدا ٿيل، جهڙيءَ طرح پکي. (٢) جيرج = جيري
ن پيدا ٿيل، جهڙيءَ طرح ماڻهو ۽ جانور. (٣) سيتيج =
گهر مان پيدا ٿيل، جهڙيءَ طرح جوئن ۽ مڳهڙ. (٤)
ج :- زمين مان پيدا ٿيل، جهڙيءَ طرح وڻ ٽڻ وغيره.

روپڪ آهي. سڀ ڀڄ ۽ ڪرم ڀائيڙي ڀڳتجي الد
ڀڳتجو ليکو ڀيا لڳن.

ڳاوَنِ ٿَڏنو اِندر اِندراسڻ ٻڻني،
ديوتا ڌرِ نال

ڳاوَنِ ٿَڏنو سِڌ سماڌي اندرِ،
ڳاوَنِ ٿَڏنو ساڌ ٻيچار

ارٿ :- اِندر ڀڳتجي اُڪتي لي وٺي ديوتائن س
لنڀنجي در لي صفت ڳائي ٿو. سِڌ سماڌيءَ ۾ ل
ڳائين ٿا ۽ ساڌ وچار ڪندي لوڪي ڳائين ٿا.

ڳاوَنِ ٿَڏنو جتي ستي سنتوکي،
ڳاوَنِ ٿَڏنو وير ڪرا

ڳاوَنِ ٿَڏنو پنڊِت پڙهن رکيسر،
جُگ جُگ ويدا نال

ارٿ :- جتي، ستي، سنتوشي ۽ زبردست پ
۽ لوڪي ڳائين ٿا. پڙهيل پنڊت ۽ وڏا رشي ويدن د
جگ جگ ۾ لوڪي ڳائين ٿا.

ڳاوَنِ ٿَڏنو موهڻيا مَن موهَنِ،
سُرگ مڇ پئيا

ارٿ :- هي رچنا، جا هن مالڪ پيدا ڪئي آهي،
ا جدا جدا رنگن ۽ جنسن جي رچي اٿس. هو پنهنجي
رشٽي ناهي پنهنجي وڏائيءَ انوسار اُن کي پالي ٿو.

جو ٿس ڀاوئي سوئي ڪَرسي،
ڦِر حُڪُم نہ ڪرڻا جائي
سو پاتشاهُ شاها پَتِ صاحبُ،
نانِڪَ رَهڻُ رَضائي.

ارٿ :- جيڪي هنکي وڻي ٿو، سوئي هو ڪري
و، هن تي ڪو حڪم ڪري نٿو سگهي. صاحب فرمائين
نہ اُهو صاحب شاهن جو شاهہ آهي، هن جي رضا لي
ڻ گهرجي.

٢- آسا محلا پهلا

(پرماتما جي اُستت)

١) سُڻِ وڏا آکي سڀ ڪوءِ
ڪيوڏُ وڏا ڏِٺا هوءِ

ارٿ :- (هي پرماتما!) لوڪي وڏو بڌي، سهڪر
ڏو چوي ٿو، پر ڪيڏو وڏو توُن آهين، سو ڪنهن

سيڻي ٽڏنو ڳاون جو ٽڏ ڀاون،

زَلي ليري ڀڳت رِسالي

هو رِ ڪيتي ٽڏنو ڳاوَنِ، سي مي ۽ چِتِ نہ آونِ

نــاـــڪ ڪِٽـا بيچـاري

ارٿ :- لوڪي آهي ٿي ٿا ڳائين جي لوڪي وڏن ٿا
لنهنجا ڀڳت، جي رس جا ڳهر آهن، سي لوسان رلا پي
آهن. بيا ۽ ڪيترائي لوڪي ڳائين ٿا جي مونکي ڪيال ۽
لڳا اچن. صاحب فرمائين ٿا ته مان اُنهن ڳائيندڙن جو
ڪيترو ويچار ڪري سگهندس!

سولي سولي سدا سَچُ صاحبُ، ساچا ساچي نالي

هڪڙي هوسي، جاءِ نہ جاسي، رچنا جِن رچائي

ارٿ :- اُهو نِي پرمالما سدا سچو صاحب آهي ۽ هن
جو نالو بہ سچو آهي. جنهن پرماتما هي ۽ رچنا رچي
آهي، سو هميشہ آهي، آئينده به هوندو ۽ ناس ٿيڻ
جو ناهي.

رنگي رنگي ڀاتي ڪر ڪَرِ، جنسي مائيا جِنِ اُپائي

ڪَرِ ڪَر ديکي ڪيتا آپڻا، جِمَہ تِسَ دي وڏائي

گيانـي ڏِيـاني گـوُر گـوُر هـائي
کَهڻ نہ جائي ٻيري ٻِلُ وَڏائي

ارٿ:- جيترو ٺيڪ گياني، ڌياني گورو ۽ گورون جا گورو (لنهنجو مهه ڪٽي ڪٿين) ڇ ٻ اَهي ڪ جيتري ٻ لنهنجي وڏائي چئي نہ سگهندا.

(٣) سَبِ سَتَ سَبِ تَپ، سَبِ چنگيائيئا
سِڌا پُرکـا ڪِيئا وَڏِيائيئا

ارٿ:- سڀ ست، تپ، چڱايون ۽ سڌ پرشن جون وڏايون،

تُڌ وِڻُ سِڌي ڪِني نہ پائيئا
ڪَرِمِ مِلِيَ ناهي ڏاڪِ رَهائيئا

ارٿ:- اهي پورلنا جا گڻ لوکان سواءِ (تئي) کنهن وٽان پراپت لتا ٿين. اهي لنهنجي ڪرپا سان ٿي ملن ٿا ۽ پوءِ کنهنجي روڪڻ لي روڪجي لتا رهن، يعني ضرور ملن ٿا.

(٣) آکَڻُ والا ڪِتا ويچارا
صفتي ڀري ٿيري ڀنڊ ڀارا

ڏنو آهي؟ يعني جيڪڏهين ڪنهن ڏنو هجي ته جنهن
سگهي.

قيمتِ پاءِ نه ڪهڻا جاءِ
ڪَٺي والي ٽيري رهي سماءِ

ارٿ:- تنهنجو انت جني جا پائي ڪين سگهيو (ج
ته) تنهنجي وڏائيءَ جا ڪٿيندڙ (ڪٿي ڪندي ڪندي
لوءِ سمانجو وڃن.

وڏي ميري صاحبا، ڳهرَ گنييرا گڻي ڳهيرا
ڪوءِ نه جاڻيءِ ٽيرا ڪيتا ڪيوڏ چيرا (رهاءُ

ارٿ:- هي منهنجا وڏا صاحب، اُونڌا، گنڀير ۽ گ
جا سمندر! ڪوءِ ڪو جاڻي ته تنهنجي پساري جي ح
ڪيتري آهي يعني تنهنجي رچنا جي انت آهي.

(٢) سُڀِ سُرَتي مِلِ سُرتِ ڪمائي
سَڀ قيمت مِلِ قيمتِ پائي

ارٿ:- جيترو ٽڪ سڀني سرت لڳائيندڙ (تنهنج
ڌيان ڪٿي ڪن؛ سڀني ملهه ڪٿيندڙ گڏجي (تنهنجو
ملهه ڪٿي ڪن،

(۱) آکا جيوا وِسري مَرِ جاءِ
آکَڻِ اُوکا ساچا ناءِ

ارٿ :- جيڪڏهن نام جپيان تو نه جيئان پيو، جيڪڏهن نام وسري وڃي تو نه مري تو وڃان. پر اهي سچي نام جو جپڻ اوکو آهي.

ساچي نامَ کي لاڳي بُکَ
اُتُ بُکي کاءِ چلِيئهِ دُکَ

ارٿ :- مولڪي نه سچي نام ۾ هڪ لڳي پيئي آهي. اهي هڪ جي ڪري سنسار جا دک، ڪاڻي وڃن ٿا، يعني نام جپڻ ڪري سنسار جا دک الر ٿا ڪن.

سو ڪِئَن وِسري ميري ماءِ
ساچا صاحبُ ساچي ناءِ (اِڪ رهاءِ)

ارٿ :- هي منهنجي امي! اهو نام مان ڪيئن وساريان؟ جو نه سچي مالڪ جو نام ئي سچو آهي.

(۲) ساچي نامَ کي تِلُ وَڏِائي
آکِ ٿڪي قيمت نهِ پائي.

ارٿ :- (ماڻهو) سچي نام جي فقط تِر جيتري وڏائي چئي ٿڪجي پيا، پر اُن جو انت نه پاتائون.

ارٿ :- (اوهانجون صفتون) ڪٿي ته ڪيترو
وڏارو آهي! (يعني هو ڪهڙي طرح توهانجون صف
ڪري ٿو سگهي)، جو ته توهانجو ڀنڊار صفتن سان
ڀريو آهي.

جِسُ تون ديهه تِسي ڪتا چارا
نانڪ سڀ سوارڻ هارا

ارٿ :- جنهن کي تون ڏئين (صفتن جو ڄاڻ ج
داس ڏئين ٿو، تنهن سان ڪي جو ڪيترو وس
سگهندو؟ يعني آن سان ڪو به ٻيو نه سگهندو. ه
ٿو ملين تا ته تون سڀ سڀني کي سوارڻ وارو آهين

٣- آسا محلا پهلا

(نام جي مهما)

اتهاسڪا :- هڪ دفعي مالا ٽڪيا پنهنجي سهتر
گورو نانڪ صاحب جن کي چيو، "بچا! تون هر
نام جپڻ ۾ ڇو لڳو پيو آهين؟ ڇو نه تون ٻين ٻارن و
ٿين ڪڏين؟ ٿون مال ڪائين؟"
تنهن تي صاحب هيٺيون شبد اچاريو :-

ارٿ :- هي پرماتما! جيڏو وڏو تون آهين، ايڏي وڏي تنهنجي بخشش آهي. (تون ڪهڙو نه آهين) جو تو ڏنهن بڻائي ورئي رات (اسانجي آرام لاءِ) بڻائي آهي!

خصمُ وِسارهِ ــ تــي ڪمذات
نــانڪ نــاوئَ بــاجهہ صَنات

ارٿ :- جيڪي مالڪ کي وساريندا، سي ڪمذات آهن. صاحب فرمائين ٿا ته اهي نام کانسواءِ اَپوتر آهن.

۴- راڳ گوجري محلا چوٿان

(گوروءَ اڳيان وينتي)

اُٿانڪا:- هي شبد سري گورو رامداس صاحب جن تڏهين اچاريو آهي، جڏهين هوُ پنهنجي ساهري گهر جيع وٽي وهانءَ ڪرڻ لاءِ ويا هئا؛ سندن سهري سري گورو اَمرداس صاحب جن رسم؛ ريتيءَ موجب ڪين چيو ته ڪجهه گهرو. سري گورو رامداس صاحب جن چيو، "سچا پاتشاه! موکي نام دان ڏيو." انهن چئي، هي پرلم پريال شبد مک سان اچاريائون:-

جي سڀ ماڻهو آڻن پاڻ

وڏا نہ هووي گهاٽ نہ جاءِ

ارٿ:- جڏهن سڀئي جهو ڳڏجي (پرمالما جي وڏائي) جوڙ ليکن ته اها وڏائي تکي وڌي نسي پوندي ۽ تکي گهٽجي وهندي، يعني پرمالما جي وڏائي اوتري جي اوتري رهندي.

(٣) ناڻو مڙئي نہ هوئي سوڪ،

ديدا رهي نہ جوڪي پوڪ

ارٿ:- پرمالما تکي مري نسو ۽ تکي هن کي ڪو سوڪ ٿئي ٿو. هو (سڀني کي رزق) ڏيندو رهي ٿو ۽ اهو رزق ڪٿي ئي نٿو.

ڳڻ ايڏو هور ناهي ڪوءِ

تاڪو هوئسا تاڪو هوءِ

ارٿ:- اهڙي جهڙو ڳڻ ٻئي ڪنهن ۾ ڪونهي هن جهڙو تکو ٿيو آهي ۽ تکو ٿيندو.

(٤) جيوڏ آپ تيوڏ تيري دات

جن دن ڪر ڪئي ڪيتي رات

(٢) هَرِ جَنَ کي وَڏَ ڀاڳَ وَڏيري،

جِنَ هَرِ هَرِ سَرَڌا هَرِ پياسَ

هَرِ هَرِ نامُ ملئي ترِ پَتا سَهِ،

مِلِ سَنگتِ گُڻَ پرگاسِ

ارٿ:- هريءَ جي اُنهن داسن جا وڏي ۾ وڏا ڀاڳ آهن، جن کي هريءَ لاءِ شرڌا ۽ پياس آهي. هو هريءَ جي نام ملڻ سان ترپت ٿين ٿا ۽ ساڌ سنگت سان ملڻ ڪري هنن ۾ گڻن جو پرڪاش ٿئي ٿو.

(٣) جِنَ هَرِ هَرِ رَسُ نامُ نه پائِيا،

تي ڀاڳ هيڻَ جَمَ پاسِ

جو ستگور سرڻِ سنگتِ نهي آئي،

ڌرگ جيوي ڌرگ جيواسِ

ارٿ:- جن هريءَ جي نام جو رس نه ورتو آهي سي نڀاڳا آهن، اُهي جم راجا وٽ ويندا. جيڪي ستگورءَ ۽ ساڌ سنگت جي شرڻ ۾ نٿا اچن تن جي جيئڻ لئي ڌڪار آهي ۽ سندن وڏڪ جيئڻ جي چاهنا رکڻ لئي به ڌڪار آهي.

(١) هَرِ ڪي جَنَ سَتِگُورِ سَتَ پُرِکا،
بِنَتِهَ ڪرِءَ گُور پاسِ
هَمَ ڪِيرِي ڪِرَمَ سَتِگُور سُرَڻائي،
ڪَرِ ديِا نامَ پَرگاسِ

ارٿ:- هي هري جا پيارا سَتِگُورو، سَت پُرش! مان لوهان سَتِگُورن وَٽ وِنتي ٿو ڪريان ته مان ڪِينئن ۽ ننڍو ڪِينئون آهيان يعني بلڪل حقير جيو آهيان، پر لوهان سَتِگُورن جي شرن پيو آهيان، ديا ڪري (منهنجي هردي ۾) نام جو پرڪاش ڪريو.

ميري مِيتَ گُور ديو،
موڪَءُ رامَ نامَ پَرگاسِ
گُورمَتِ نامَ ميرا پِرانَ سَکائي،
هَرِ ڪِيرَتِ هَمَرِي رَهَراسِ
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي منهنجا مترگورديو! مونکي پرماتما جي نام جو پرڪاش ڏيو. گوروءَ جي اپديش ڏنل نام منهنجي پرانن جو سائي آهي؛ هريءَ جو جس ڳائڻ مون لاءِ سچي واٽ آهي.

ڪا چنتا نہ ڪرڻ. ماڻهوءَ جاندار وارو آهو ئي آهي.
لائين جنهن صاحب هيٺيون شبد اچاريو :-

(١) ڪاهي ري مَنَ چِنتوهِ اُدمُ،
جــا آهَرِ هر جيءُ پَرِيــا
سَئل پٿر مهِ جَنتَ اُپــائي،
تاڪا رِزَقُ آگي ڪرِ ڌَرِيا

ارٿ :- هي من! (ڇيت لاءِ) تون اُدمَ جي چنتا ڇو پيو ڪرين، جڏهن تنهنجو آسرو هريءَ لئي ٿئي آهي. پهاڙن ۽ پٿرن ۾ جيڪي جنتون پيدا ڪيا آهن تن لاءِ رزق (انهن جي پيدا ڪرڻ کان) اڳيئي تيار ڪري رکيو اٿس.

ميري ماڌوُ جي سَتَ سَنگتِ مِلي سُہ تَرِيا
گُـور پرسادِ پَرَمَ پَدُ پائِيا،
سُوڪي ڪاسٽَ هَرِيا (اڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي منهنجا پرميشور! جيڪي ستسنگ ۾ جي مليا آهي ئي تريا. گوروءَ جي دئا سان ٿي ڏو پد پائجي ٿو ۽ سڪل ڪاٺ بہ سائو ٿي پوي ٿو يعني گوروءَ جي دئا سان اَنتهڪرڻ شڌ ٿيو پوي.

(۴) جِنَ هَرِجَنَ سَتِگُور سَنگَتِ پائي،
تِنَ ڏُرِ مَسَتَڪ لِکِئا لِکاسِ
ڌَنُ ڌَنُ سَتَ سَنگَتِ جِتُ هَرِ رَسُ پائيا،
مِلِ جَنَ نانڪ نامُ پَرِگاسِ

ارٿ:- جن هريءَ جي داسن ستگوروءَ جي سنگت
پائي آهي، تن جي مستڪ تي ڌر کان ئي ليک لکيل
سمجهو. ڌن آهي ساڌ سنگت، جتي هريءَ جو آنند
پائجي ٿو. صاحب فرمائن ٿا تہ هريءَ جي داسن سان
ملڻ ڪري نام جو پرڪاش ٿئي ٿو.

۵- راڳ گوجري محلا پنجوان

(پرماتما ئي سڀ جو آڌار)

اُٿانڪا:- هڪ دفعي سري امرتسر جي شهر ۾ سخت
ڏڪار اچي پيو. تنهن تي ٻاٻو ٻڌو صاحب ۽ ڪي سک
سري گورو ارجن صاحب وٽ آيا ۽ اچي چيائون تہ
"سائين! لنگر لاءِ اَن اچي نٿو سگهي ۽ خرچ وڌي ويو
آهي. وچارا ماڻهو جي لنگر ۾ ڀوجن لاءِ ايندا آهن
تن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟" تنهن تي صاحبن فرمايو
"سڀ کي رزق ڏيڻ وارو پرميشور ئي آهي، اوهين

نوٽ:- تن ڪي ڪرڻ ڪلاوي ...... من مهه سمرن ڪرڻا جو ڀيو ارٿ:- تن کي ڪير ٿو ڪارائي ۽ ڪير ٿو چوڻو چڪائي، اها ڳالهه توهان ڪڏهن ويچاري آهي؟

(٣) سَپِ نِدانُ دَسُ آشَٽَ سِدانَ

نَاڪَرَ ڪَرَ ڪَلَ ڌَرِيا

جَنَ نانڪ بِلِ بِلِ سَدَ بِلِ جائِيمِي،

ٽيرا انتُ نه پارا ڪورِيا.

ارٿ:- هي مالڪ! سڀئي خزانا ۽ ١٨ سڌيون تو پنهنجي هٿ جي تري ۾ لڪيون آهن (يعني تون سرو شڪتيوان آهين). صاحب فرمائين ٿا ته توتان بلهار وڃان، بلهار وڃان سدائين، تنهنجي اوراپار جو ڪو انت ڪونهي يعني تنهنجي ڪا حد نه آهي.

٦- راڳ آسا محلا چوٿان (سو پُرکُ)

اڪ اونڪار ستگور پرساد

(پرماتما جي اُستت)

هن شبد جي نالو "سو = پُرکُ" هن ڪري پيو آهي جو "سو = پُرکُ" لفظن سان شروع ٿئي ٿو. اُن ۾ پرماتما جي سمک اُستت ڪيل آهي.

(٢) جنن پکا لوڪ سٽ ٻنڌا،
ڪوءِ نہ ڪسڪي ڏريا
ٻر ٻر رزق سنباهي ناڪر،
ڪاهي ٿن ڀؤ ڪريا

ارٿ:- مالا، پکا، سنهڙي، ٻٽ ۽ استري، انهن
مان ڪو بہ ڪنهن جو آسرو ڪونهي يعني انسان ولڏي
اهي سهائتا ڪري نہ سگهندا. مالڪ سڀ ڪنهن کي
رزق پهچائي ٿو، پوءِ هي مَن! ڇو ٿون ڀؤ پيو ڪرين؟

(٣) اوڏي اوڏ آوٿي سڀ ڪوسا،
لس پاڇي پڇري ڇڙيا
لن ڪوڙ ٻلاوئي ڪوڙ چڳاوئي،
ٿن مهہ ٻمڙن ڪريا

ارٿ:- ڪؤلجون سوڙن ڪوهہ اڏامي اچدا ٿا
آهن ۽ پوئتي ٻچان ٻچا ڇڏي اچدا آهن. انهن کي
ڪير ٿو کارائي ۽ ڪير ٿو (چوڳو) چڳائي؟

اتر:- هؤ من ۾ ڏيان ڪن ٿيون تہ ٻچا مالڪ جي
حوالي ڇڏيا آٿون، تهن ڪري پرمالما انهن جي سنڀال
لهي ٿو.

آهي . هري مالڪ ٻ پاڻ آهي ۽ داس ٻ پاڻ اهي ،
صاحب فرمائين ٿا ته هيءُ جيو ڪهڙو نہ بيوس آهي !
يعني جيو پاڻ ڪجهہ ٻ نٿو ڪري سگهي .

(٢) تون گهٽ گهٽ انتر سَرب نِرنتر جي ،
هَــرِ ايڪو پُرَکُ سماڻــا
اِڪِ داتــي اِڪِ ڀيکــاري جـــي ،
سڀِ تيري چوج وِڏاڻـــا

ارٿ :- (هي پرماتما !) تون سڀني هردن ۾ هڪ
سمان وسي ٿو ، هي هري ! تون هڪڙو ئي سڀني ۾
وياپڪ ۽ سمايل آهين . هڪڙا جيو داتار آهن ۽ هڪڙا
وري بيک وٺندڙ آهن ، اهو سڀ تنهنجو عجب کيل آهي .

تون آپي داتا آپي ڀُگتا جي ،
هَئُہ تُڌ بِنَ اوَرُ نہ جاڻا
تون پارَ برهمُ بي انتَ جي ،
تيري ڪِئا مُکَ آکِ وَکاڻا
جو سيوَہِ جو سيوَہِ تُڌ جي ،
جَنُ نانڪ تِنَ قربانا .

(١) سو پُرکُ نِرنجنُ هرِ پُرکُ نرنجنُ
هرِ اگما اگمَ اپارا
سبِ ڌياوهه سبِ ڌياوهه تُڌ جي ،
هرِ سچي سِرجڻهارا

ارٿ :- اهو هري وياپک، مايا کان رهت، جاڻڻ کان بلڪل پري ۽ اپار آهي. هي سچا سرجڻهار هري! سب لوکي تي ڌيائين ٿا، سب لوکي تي ڌيائين ٿا.

سبِ جيئه تُهاري جي ،
تون جيئا کا داتارا
هرِ ڌياوهه سنتهُ جي ،
سبِ دُوکَ وِسارڻ هارا
هرِ آپي ٺاکُرُ هرِ آپي سيوکُ جي ،
کِيا نانک جنت وِچارا.

ارٿ :- (هي هري! سب جيو تنهنجا ئي آهن، تون ئي جيون کي (روزي) ڏيندڙ آهين. هي سنتو! انهيءَ هريءَ کي ڌيائو، جو سب دک نورت ڪندڙ

هي ڏَنُ سي ڏَنُّ جِنَ هَرِ ڏنائيا جي ،
جَنُّ نانڪُ تِنَ بَلِ جاسي .

ارٿ :- جيڪي پرش اُرپڻ هري کي ڏيائين ٿا ، تن جو سڀ پڻ ڦليو وڃي ٿو. جيڪي منهنجي هري جي شيوا ڪن ٿا سي هري جي سروپ ۾ سمائجي وڃن ٿا. ڌن آهن، ڌن آهن ، اُهي پرش ، جن هري کي ڏٺو آهي ، صاحب داس پاڻ سان چون ٿا ته آءٌ اُنهن تان ٻلهار وڃان.

(٣) تيري ڀَگتِ تيري ڀَگتِ ڀنڊار جي ،
ڀري بي انتَ بي انتا
تيري ڀگتَ تيري ڀگتَ سَلاهَنِ ٿُڌُ جي ،
هَرِ انِڪَ انيڪَ اننتا .

ارٿ :- هي بي انت پرماتما ! تنهنجي ڀڳتيءَ جا بي انت ڀنڊار ڀريا پيا آهن. هي بي انت ! تنهنجا ڀڳت انيڪ آهن. ۽ اُهي انيڪ نمونن سان تنهنجي ساراه ڪن ٿا.

ارٿ :- (ٻڌارت) ڏهن ئي لوڪ آهن ۽ انهن جي
پوڄا وارو به لون آهي، مان لوڪان سواءِ ٻيو ڪنهن ڪ
لئو سڃاڻان. لون پاربرهم ۽ ٻي الست آهن، لنهن
ڪهڙا ڪهڙا گڻ مان ڳڻي ٻڌايان؟ صاحب داس پاڻ سا
چون ٿا ته جيڪي لنهنجي شرڻ ڪن ٿا لن لان شل آ
قربان وڃان!

(٣) هـرِ ڏيـاوَهِ هـرِ ڏيـاوَهِ، ڏڏ جي

سي جن جڳ مِهِ سڪ واسـ

سي مڪتَ سي مڪتُ پئي جن هرِ ڏيائيا جي

لن لوٽي جـم ڪي ڦاسي

ارٿ :- هي هري! جيڪي لوڪي ڏيائين ٿا س
جڳ ۾ سکي رهن ٿا. جن هريءَ کي ڌيايو آهي س
مڪت ٿي ويا آهن ۽ انهن جي ڳلي مان جم جي ڦاس
ٽٽي وئي آهي.

جن نرڀؤ جن هر نرڀؤ ڏيائيا جي،

لن ڪا ڀؤ سڀ ڪواس

جن سيوڪا جن سيوڪا ميرا هرِجي،

لي هرِ هرِ روپ سماس

ارٿ:- هي ڪرتار! تون آد ڪان آهين، سڀ ۾ وياپڪ آهين، پري ڪان پري آهين، تو جهڙو وڏو ٻيو ڪو بہ ڪونهي. تون جڳہ جڳہ ۾ ساڃيوئي آهين، تون سدائين ساڃيو آهين؛ تون ئي قائم ڪرتار آهين.

تُدُ آپـي ڀاوءِ سوئي وَرَتـيءِ جي،
تـون آپـي ڪَرِهـہ سُہ هوئي
تُدُ آپـي سِرَشٽِ سَڀَ اُپائي جي،
تُدَ آپـي سِرَجِ سَڀَ گوئـي
جَنُ نانڪ گُرُ ڳاوءِ ڪَرتي ڪي جي،
جـو سڀسيءِ ڪـا جاڻـوئـي.

ارٿ:- جيڪي توکي وڻي ٿو، اهوئي ورتجي ٿو، جيڪي تون پاڻ ڪرين ٿو، سوئي ٿئي ٿو. تو پاڻ سڀ سرشٽي اپائي آهي؛ (موئي) تون پاڻ پنهنجي سڀ ناهيل سرشٽيءَ جي پرليہ ڪرين ٿو. صاحب داس ڀاو سان چون ٿا تہ مان اُهيءَ ڪرتار جا گڻ ڳايان ٿو، جو سڀ ڪنهن ڳالهہ جو ڄاڻندڙ آهي.

ٽيري انڪ ٽيري انڪ ڪَرِهِ هَرِ پُوجا جي،
ٽَپُ ڪاڍِهِ جڳهه ٻـي انتا،
ٽيري انيڪ ٽيري انيڪ پڙهِ
ٻـهُـ سِمرِتِ ساسَتَ جي،
ڪَرِ ڪِرِيا ڪَتَ ڪَرَمِ ڪَرنتا،
سي ڀڳتَ سي ڀڳتَ ڀاي جَنَ نـانڪ جي،
جو ڀاوهِ ميري هَرِ ڀڳونتا.

ارٿ:- هي ٻي انت هري! جيوَ انيڪ نمونن سان تنهنجي پُوڄا ڪن ٿا، تپ ڪن ٿا ۽ لوڪي جپين ٿا. تنهنجا انيڪ ڀڳت انيڪ سمرتيون ۽ شاستر پڙهن ٿا ۽ ڪرمائون ڪري ڇهه (برهمڻ وارا) ڪرم ڪن ٿا. صاحب داس ڀاو سان چون ٿا ته هي منهنجا ڀڳونت هري! اهي ئي ڀڳت سرشٽ آهن جي لوڪي وڻن ٿا.

(٥) ٽـون آدِ پُرکُ اَپَرنپرُ ڪَـرَتـا جي،
تُڌُ جيوڏُ اوُ نه ڪوئي
ٽون جُـگُه جُـگُه ايڪو سدا ٽون ايڪو جي،
ٽون نِهچَلُ ڪَرَتا سوئي

(۲) توُن دَرِياءُ سَڀِ تُنجهہي ماهِہ
تُجهہ بِنُ دوجا ڪوئي ناهِہ

ارٿ :- تون سمنڊ وانگر آهين ۽ سڀئي توهر سماءَ پيا آهن. توکان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونهي.

جيئَہ جَنت سَڀِ تيرا کيلُ
وِجوڳِ مِلِ وِڇڙِيا سَنجوڳي ميلُ

ارٿ :- هي سڀ جيو ۽ جنت تنهنجو کيل آهن. جن جو ستسنگ نہ ڪرڻ ڪري ونجوڳ ٿيو، سي تنهنجي ملڻ کان وڇڙي ويا ۽ جن جو ستسنگ ڪرڻ ڪري سنجوڳ ٿيو، تن جو ميلاپ توسان ٿيو.

(۳) جِسُ نو توُ جاڻائِهِ سوئي جَنُ جاڻئي
هَرِ گُڻ سَدَ هي آکِ وکاڻئي

ارٿ :- جنهن کي تون پاڻ ڄاڻائين ٿو سوئي توکي ڄاڻي ٿو. اهڙو جيو سدائين هريءَ جا گڻ چئي واکاڻ ڪري ٿو.

جِن هَرِ سيوِئا تِن سُکُ پائِيا
سَهجي هي هَرِ نامِ سمائِيا

٧- راڳ، آسا محلا چوٿان

(پرماتما جي سمرٿ اُستت)

تون ڪرتا سچيار ميڏا سائين
جو تڌ ڀاوئي سوئي ٿيسي،
جو تون ڏيهه سوئي هؤن پائي (رهاءُ

ارٿ:- هي سچا ڪرتار! تون منهنجو مالڪ آهين
جيڪي توکي وڻي ٿو، اهوئي ٿئي ٿو، جيڪي تون ڏ...
تو اهوئي پراپت ڪريان ٿو.

(١) سڀ تيري تون سڀني ڌياتيا،
جس نو ڪرپا ڪرهه، تن نام رتن پائيا

ارٿ:- سڀ (سرشٽي) تنهنجي آهي، سڀني...
توکي ڌيائين ٿا. جن تي ڪرپا ڪرين ٿو، سي نام روپي
رتن پراپت ڪن ٿا.

گورمکهه لاڌا منمکهه گوائيا
تڌ آپ وڇوڙيا آپ ملائيا

ارٿ:- گورمکن نام روپي رتن لڌو آهي؛ منم...
وڃايو آهي. تون منمکن کي پاڻ کان وڇوڙين ٿو؛ گورم...
کي پاڻ سان ملائين ٿو.

پَنکَجُ موهَہ پَگہ نهي چالـيۡ
هَـمَ ديکـا ٿَـهـہ ڏُوبِيڏلي

نوٽ :- اُنهيءَ سنسار روپي ٺلاءَ ۾ اسانجو واسو ٿيو آهي، جنهن ۾ پرماتما پاڻ ۽ اَگني آدڪ تت بڻايا آهن. جي جيوَ موهہ روپي گپ ۾ ڦاٿل آهن تن جو بڏي روپي پير نڪتو ڇري سگهي، اسان ڏٺو تہ اُهي ٻڏي مئا.

(١) مَنَ ايـڪ نَہ چيتَس مـوُڙَ منا
هَـرِ بِسَرَتَ تيري گُـڻَ گَـلِـٿَـا (رهاءُ)

ارٿ :- هي مُورکـ من! تون هڪ پرماتما کي نٿو سمرين. هريءَ کي وسارڻ ڪري تنهنجا سڀ گڻ ناس ٿي ويندا.

(٢) نـاهَنہ جَتي سَتي نَهي پَـڙِئـا،
مـوُرکَ مُـگَـڌا جَنم پَڏيا
پرِڻـوَتِ نـانڪ تِنَ کيِ سَرِڻا،
جِنَ تـون نـاهـيِ وِيسَرِئـا.

ارٿ :- مان نڪي جتي آهيان، نڪي ستي آهيان ۽ نڪي پڙهيل آهيان، جنهن ڪري مون مُورک جو جنم نسڦل ٿيو آهي. صاحب وينتي ڪري ٿو ته ته

ارٿ :- جن هريءَ جي سيوا ڪئي آهي تن ئي سک پاتو آهي. اهي سياڻا هريءَ جي نام ۾ سمائجي رهيا آهن.

(٢) توُن آپي ڪَرتا ٻيرا ڪيئا سڀُ هوءِ
تُڌ بن دوُجا اوَر نه ڪوءِ

ارٿ :- تون پاڻ ئي رچنا رچيندڙ آهين، جنهڪري ٿئي ٿو سو سڀ تنهنجو ڪيل آهي. توکان سواءِ ٻيو ڪو به ڪجهه ڪري نٿو سگهي.

تون ڪَر ڪرِ ويکهِ جاڻهِ سوءِ،
جَن نانڪ گورمکهِ پرگَٽ هوءِ.

ارٿ :- تون رچنا رچي اُن کي ڏسين ٿو ۽ (اُن جي حالت) ڄاڻين ٿو. صاحب داس ٻاوَ سان چون ٿا ته گوروءَ جي سکيا ڌارڻ هي جيئو ٻڌرو ٿئي ٿو ته هي پرماتما! تون گوروءَ ڌاران پرگهٽ ٿئين ٿو.

٨- آسا محلا پهلا

(اُپديش)

لِکت سَرُوَرِتيُ پيئي لسي نواسا،
پاڻي پاوَڪ تنهِ ڪيئا

ارٿ :- هن (سنسار روپي) ڀؤساگر مان ٽرڻ جو اپاءُ ڪر. ماڻا جي پيار ۾ تنهنجو جنم وئرٿ پيو وڃي.

(٢) جَپُ ٽَپُ سَنجَمُ ڌَرمُ نہ ڪمائيا
سيوا سادَ نہ جانيا هَرِ رائيا

ارٿ :- مون جپ، تپ، سادنا ۽ ڌرم نہ ڪمايو آهي. هي هري راجا! مون سنتن جي سيوا ڪرڻ بہ نہ ڄاتي آهي.

ڪهُ نانڪ هَمَ نيچ ڪَرَما
سَرَڻِ پري ڪي راکهُ شَرما.

ارٿ :- صاحب چون ٿا تہ مان نيچ ڪرمن وارو آهيان. (هي پرماتما!) شرڻ پيل جي لڄ رک.



هي پرمالما! مان انهن جي شرن ۾ آهيان، جي لوڪي ڪا وساريندا.

٩ـ آسا محلا پنجوان

(اپديش)

(١) ڀئي پراپت مانک ديهريا
گوبند ملڻ کي اِهه تيري بريا

ارٿ:- هي جيو! لوڪي مانڪا ديهي پراپت ٿي آهي. پرمالما جي ملڻ جو وقت اهو ئي اٿيئي.

اوَر ڪاج تيرئي ڪتي نہ ڪام،
مِل سادَ سنگت ڀڄ ڪيول نام

ارٿ:- ٻيا ڪارج تنهنجي ڪنهن بہ ڪم نہ ايندا. ساد سنگت سان ملي فقط نام جو ڀڄن ڪر اهو ئي ڪم ايندو.

سَرنجام لاڳ ڀَو جَل تَرَن ڪي
جَنم بِرٿا جات رنگِ مائيا ڪي

(رهاءُ)

سوهلا راڳ گؤڙي ديپڪي محلا پهلا

اڪ اونڪار ست گرو پرساد

جيءِ گهر ڪيرت آکيئي، ڪرتي کا هوء ٻيچارو
تت گهر گاوهه سوهلا، سوءَ رهه سرجڻ هارو

ارٿ:- جنهن (ستسنگ روپي) گهر ۾ ڪرتار جو جس ٿيندو هجي ۽ انجو ويچار ٿيندو هجي، انهيءَ (ستسنگ روپي) گهر ۾ جس جو راڳ ڳايو ۽ اپائڻهار کي ياد ڪريو.

تم گاوهه ميري نرڀئه کا سوهلا،
هئه واري جت سوهلي سدا سک هوء
(اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- اوهين منهنجي نرڀؤ (اڪال پورک) جو جس ڳايو. مان قربان وڃان (اهڙي پريوءَ تي) جس ڳائڻ سان، جنهنڪري سدا آنند ٿئي ٿو.

نت نت جيئڙي سماليئن، ديکهيگا ديوڻهار

ارٿ:- ڪرتار جيون جي هر روز سنڀال لهي ٿو ۽ (اهو) داتار (انهن جيون جي گهرجن لئي) نظر ڪري ٿو.

ڪيرتن سوهلا

نوٽ:- ڪيرتن سوهلا = جس جو راڳ. مت
مٿڪالف مشهور ترجمان سري گورو گرنٿ صاحب
لکي ٿو ته ”سوهلا = سوون ولا جي معنيٰ آهي سمه
جو وقت، تنهن ڪري ”ڪيرتن سوهلا“ جي معن
آهي اهو راڳ، جو سمهڻ وقت ڳائجي. ڪيرتن سوه
۾ ٽي شبد سري گورو نانڪ صاحب جا، هڪ سر
گورو رامداس صاحب جو ۽ هڪ سري گورو ارجن صاح
جو رچيل آهي. هيءُ ڪيرتن سوهلو گوروءَ جا سک سم
مهل پڙهندا آهن ۽ خالصن لاءِ نت نيم جي اها به هڪ
واڻي آهي، پر انهن نه سمجهڻ ڪري جي ته اها خواه
واڻي ڪنهن ٻئي وقت پڙهڻ کان ڪا منع آهي. ه
اهڙا مٺا ۽ پريم ڀريل شبد آهن، جنهن اچارڻ سان
کي شانت اچي وڃي. هي ڪيرتن سوهلو مرڻ و
به پڙهبو آهي، انهيءَ ڪري ته موت ڪانپوءِ شل پر
سگهي رهي!

گھرِ گھرِ ايھو پاھڇا، سڏڙي نت پئون

ارٿ:- سڀني گھرن ۾ ھي پيغام پهچي ويا آھن ۽ ھر روز سڏ پيا ٿين (مطلب ته لوڪ مرندا پيا وڃن.)

سڏڻ ھارا سمريئي، نانڪ سي ڏھ آون

ارٿ:- سري گرو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته اُنھيءَ سڏڻھار (يعني پرڀوءَ) کي ياد ڪريو ۽ (پرڀوءَ کي ياد ڪندي) شل اُھي موت جا ڏينھن اچن.

ڀاو ارٿ:- ھن شبد ۾ سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته موت ايشور سان سچي ٻچي شادي آھي. صاحب جگياسوءَ کي ڪنوار جي مثل، پرماتما کي گھوٽ جي مثل ۽ انت سمي آتمڪ ميلاپ ايشور سان، وھانءَ جي مثل رکيو آھي. جنھن وھانواري شاديءَ جو ڏينھن اڳي اھو ويچار ڪيو آھي ته ڪھڙيون ڪيڙائون ليارائون ڪجن. تنھن صاحب فرمائين ٿا ته ھي جگياسو، لوڪ اھو ويچار ڪري گھر جي ته ڪھڙيون ليارائون ڪرڻ جو سائين راضي ٿئي، ۽ جنھن شاديءَ کان پوءِ ٻيا ڏينھن اڳي، ڪنوار جون ساھيڙيون لاڏا ڳائينديون آھن، تنھن صاحب فرمائين ٿا ته ھي سڀ جھڙو، موت کي به سائينءَ سان ملڻو آھي. انھيءَ خوشيءَ ۾ اوھين منھنجي گھوٽ (اڪال پرک) جو جس لاڏو ڳايو ۽ جنھن مھورت سوڀ مقرر ٿيل شاديءَ جي ڏينھن ڪنوار کي ليال مان آگر ٻري

لبري داڻي قيمت نـا ٻوي،

لـس دالـي كـوڙ سـمـار

ارٿ:- (هي جيو،) لوڪان انهيءَ (دالر جي) داڻ جي قيمت ڪٿي ٿي وڃي؛ (ٻوءِ) هن دالر جي ڪٿ ڪم ڪري سگهندو؟ نوٽ:- هتي "لبري" جي معنا "لهڻي" نه آهي پر "لوڪان".

سنبت ساها ليکيا، مل ڪر پاوهم ليل

ارٿ:- موت روئي وهاڻ جو سنبت ۽ مهورت لکيو ويو آهي، (هي سختو!) ملي ڪري ابي مونکي (ولڙاءِ روپي) ليل پايو. (مطلب ته جئن شاديءَ مهل کهرت ۽ ڪنوار کي ليل پاتو آهي، تئن منهنجا پيارا مونکي ولڙاءِ روپي ليل پايو يعني اهڙي مونکي سڪي ڏيو، جو مان دنيا کان ڪڏهن ڪو [illegible] انشور ڏانهن پنهنجي دل لايان ۽ موت کي اُلين سمجهان جو ته پريءَ سان سچي [illegible] پڄي شادي آهي.)

ديـهـه مـجـيـط اسـيـسـڙ يـئـا،

جنهن هوئي صاحب ملم ميل

ارٿ:- هي سڄط، اهڙيون آسيسون مونکي ڏيو جهڙي پريءَ سان منهنجو ميلاپ ٿئي.

بابا جيءِ گهر ڪَر لئي ڪِيرت هوءِ،

سو گهرُ راکہ وڏائي توءِ (اڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي پاڻ! جنهن شاستر ۾ ڪرتار جو جس هجي، اُنهيءَ شاستر کي دل ۾ ڌارڻ سان تنهنجي وڏائي ٿيندي.

وِسئي، چسيا گهڙيئا پهرا، تِٿي واري ماهُ هوئا

سورج ايڪو رُت انيڪ،

نانڪ ڪرتي کي ڪيتي ويسُ.

ارٿ :- پل، منٽ، گهڙيون پهر، ٿتيون، ڏينهن ۽ مهنا اُنهن سڀني جو ڪارڻ سورج آهي ۽ رتيون انيڪ آهن. سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪرتار جا ڪيترائي ويس آهن.

راڳ ڌناسري محلا پهلا

اٿانڪا :- نانڪ پرڪاش ۾ لکيل آهي ته سري گورو نانڪ صاحب جن ديس ديسانتر گهمندا ڦرندا، پرماتما جي سچي نام جو اُپديش ڪندا، هڪ دفعي جگن ناٿ ۾ ويا. سنڌيا مهل پوجاري پوجا ڪرڻ آيا ۽ آرتي گهڻي ٺاهه ٺوهه ۽ ريتي سان اچي ڪيائون. هڪ مولهين جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيئا ٻاري، گل ڦل ۽ چندن آدڪ سڳنڌيون رکي، ٺاڪر جي اڳيان اُنهيءَ ٿالهه کي

مٿي لکي لائق سڀ آسيسون ڪندڙ هون آهن ته ڏهوڻ سان شل سکي رهي، ليڪن هيءَ سنتو، مٿي ڪري مونکي ونواءِ روپي ليکا پاڻ بعدي اهڙي مونکي سکيا ڏئي، جو دنيوي خيال ڇڏي پرميسر سان دل لائي ۽ اهڙيون آسيسون ڪرڻ لاءِ مٿس ڪئان ڏيهن مونکي سنڌي ڪاروڻ گهوڻ (پرماتما) مان رهي ۽ مٿي لاڙ آپ هيءَ دنيوي ڇڏي هنسان مٿي وڃان، جا سچي پڪي شادي آهي.

راڳ آسا محلا پهلا

ڇهه گهر ڇهه گرو ڇهه اپديس

ارٿ:- ڇهه شاستر (١- پورب ميمانسا، ٢- نياءِ، ٣- ويشيشڪ، ٤- سانکيه، ٥- يوگ، ٦- اُتر ميمانسا يا ويدانت) آهن. ڇهه انهن جا (رچڻ هار) گرو، ١- جيمني رشي، ٢- گوتم رشي، ٣- ڪڻاد رشي، ٤- ڪپل مني، ٥- پتنجلي رشي، ۽ ٦- وياس مهراج آهن ۽ ڇهه انهن جا نرالا نرالا مت آهن.

گرو گرو ايڪو ويس انيڪ

ارٿ:- (پر) گورن جو گورو هڪ (اڪال پورک) آهي، جيترا ٽيڪ انهيءَ جا ويس گهڻا آهن،

ارٿ :- چندن جا وڻ سڳند کيو بيٺا اهن ۽ هوا
چؤنڊ ڪري ٿي . هي جوڳي سروپ! سڀي ونسپتي
تنهنجي لاء گل ڦل ٿيا بيٺا آهن .

ڪَٿِسي آرٿي هوءِ پڙ ڪَنڊ نا ،

ٿيري آرٿي آنهتا شَبدَ واجَنٿ ڀيري

(اِڪ رهاءُ)

ارٿ :- هي ڀؤ دور ڪرڻ وارا، ڪهڙي (اشچرج
روپ) تنهنجي آرتي ٿي رهي آهي ، تنهنجي آرتي اها
آهي جو اناهدي شبدن جا باجا ٻجا وڄن .

سهس تَو نَيڻَ نہ نہ نَيڻَن هَهِ، تُوهِہ ڪؤ،

سَهسَ مُورتِ ننا ايڪ تُوهي

ارٿ :- هي پڀؤ توکي هزارين اکيون آهن . مگر
هڪڙي ٻہ اهان وانگي جسماني اک نہ آهي . تنهنجون
هزارين مورتون آهن پر جسماني مورت هڪڙي ٻہ نہ آهي .

سهسَ پَدَ بِمَلَ نَن ايڪ پَدَ ،

گَنڌَ بِنُ سَهسَ تَو گَنڌَ، اِو چَلَت موهي

ارٿ :- هزارين تنهنجا پويتر چرن آهن پر جسماني
هڪ ٻہ چرن نہ آهي . توکي جسماني ناسڪا نہ آهي ،

وڏيون قربانيون. پر صاحبن کي هن نموني جي آرتي پسند نه آئي. آرتيءَ مهل جڏهن سڀ اٿي بيهي آرتي ڪرڻ لڳا، تڏهن صاحب صرف ڪري ويٺي رهيا. جڏهن آرتي پوري ٿي، تڏهن مندر جو وڏو پوڄاري گرو جي صاحبن وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو ته اوهين ڪير آهيو؟ اوهان کي اهڙي سڌ نه آهي ته آرتيءَ مهل اٿي بيهڻو آهي. ايا سڀ اٿي بيٺا، پر اوهين نه بيٺا، تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو؟ صاحبن فرمايو ته ساري سرشٽيءَ جي رچيندڙ جي آرتي ڏيئن، ڌوپ واس ۽ ڪين ڦلن سان ٿي نه ٿي سگهي. هن سڄي سنسار جي پوڄا آرتي، جا برهمانڊ ۾ سدائين پئي ٿئي، انهن ۾ اسين مشغول هئاسين. پوڄاريءَ عجب کائي پڇيو ته اها وري ڪهڙي قسم جي آرتي آهي؟ انهن لاءِ صاحبن هيٺيون شبد اچاريو:-

گگن ميں ٿال روِ چند ديپڪ بني،
تارڪا منڊل جنڪ موتي

ارٿ:- نرنڪار جو ٿالهه آهي آڪاس، جنهن ۾ سورج ۽ چندرما آهن ڏيئا ۽ تارن جي منڊلي جڻ ته موتي جڙيا پيا آهن.

ڌوپ مل آنلو پون چورو ڪري،
سگل بن راءِ ڦولنت جوتي

ڪِرپا جل دِيهه نانڪ سا رِنگم ڪَمُ،

هوءِ جاتي ليريءَ ناءِ واسا.

ارٿ:- سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ مون پپيهي کي ڪرپا جي جل جي سوانت بوند ڏي؛ جنهن ڪري لنهجي نسام بہ واسو ٿئي. مطلب تہ جئن پپيهي پکيءَ کي ٽيستائين سانت نہ ايندي آهي، جيستائين سوانت بوند (يعني خاص رُت جي مينهن جي بوند) سندس وات ۾ نہ وجهندي آهي، تئن سري گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا تہ اسانجو بہ حال اهڙو آهي جهڙو پپيهي جو؛ تون ڪرپا ڪري نام ڏي، جنهن ڪري سڀ اسين نام پائي هوش وهون.

ڀاو ارٿ:- صاحبن پوڄارن کي چيو تہ "هي پاڻي اوهين جو هڪ موتين سان جڙيل سوني ٿالهه ۾ ڏيئا ٻاري گل ڦل گڏ ڪري، چندن جو واس ڪري ۽ گهڻن قسمن جا ساز وڄائي پرميشور جي آرتي ڪريو ٿا، سو اها اُنجي سچي آرتي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ ٻاهرين آرتيءَ سان پريو ذرو بہ پرسن نہ ٿو ٿئي. هن سچي پاتشاهه جي آرتي سچيءَ سرشٽيءَ ۾ سدائين پيئي ٿئي، اها اچو تہ اوهانکي ٻڌايون.

هي سارو آڪاس نرنڪار جو ٿالهه آهي، جو تارن روپي موتين سان جڙيل آهي. اُن ۾ سورج ۽ چندرمان

ٻر لوڪي هزارين ناسڪائون آهن. هي ٻريو اهڙن عجيب
جلترن سان لو ميهنجي من کي موهي ڇڏيو آهي. (مطلب
ڍ لىرڳڻ روپ ڪري ٻريوء کي هڪ ٻ انگ ز آهي ۽
سرڳڻ روپ ڪري سڀ انگ انس.)

سَڀَ مَهِ جوتِ جوتِ هيءِ سوء،

لَس ديءِ چانڻ سَڀَ مَهِ چانڻ هوء

ارٿ:- ٻريوء جي جوت سڀ ۾ آهي ۽ اها جوت
اهو پاڻ آهي، ان جي جوت جي پرڪاش سان سڀ ۾
سوجهرو ٿي رهيو آهي.

گورَ ساکي جوتِ پَرَگهٽ هوء،

جو لِسُ پاوئي سُ آرتي هوء

ارٿ:- گورن جي سکيا ڌنارن جوت ساکيات ڏسڻ
۾ اچي ٿي. جڪي پرمالما کي وڻي ٿو، اها ئي سچي
پوڄي آرتي آهي.

هَرِ چرَنُ ڪوَل مَڪَرَند لوڀِتَ مَنو،

انَ دِنو موهِ آهي پياسا

ارٿ:- هريء جي ڪنول روپي چرڻن ۾ منهنجو
ڀؤنر روپ من لالچي ٿيو آهي ۽ مونکي ڏينهن رات
انهي رس پئڻ جي پياس يا چاهه آهي.

آهن، جن سان تون ساري سرشٽيءَ کي ڏسين ٿو ۽ اهڙو ڪو اسٿول يا سوکيم پدارٿ ڪونهي، جو تنهنجي درشٽيءَ کان دور هجي، درحقيقت توکي هڪ به جسماني اک نه آهي. هي جڳت ايشور! توکي هزارين مورتون آهن ڇاڪاڻ ته سڀني جيون ۾ تون وياپڪ آهين، سو انهن جون مورتون به جڻ ته تنهنجون ئي مورتون آهن. پر سچ ڪري تنهنجي هڪڙي به جسماني مورت نه آهي. هي پريو! توکي هزارين پوتر چرڻ آهن، جن سان ساري جڳت جا ڪارج ڪري رهيو آهين، پر اُهي پير پنجن تتن جا ٺهيل نه آهن. هي ڪرتاميه ڪرتار! هزارين توکي ناسڪائون آهن، پر تحقيق توکي هڪ به جسماني ناسڪا نه آهي. اهڙا تنهنجا عجيب چرتر ڏسي، ساري سرشٽي توتي موهت ٿي پيئي آهي ۽ تو تان قربان ٿي تنهنجو جس ڳائي رهي آهي.

هي پريو، جيڪي توکي وڻي ٿو، اُهائي سچي پچي تنهنجي آرتي آهي. هي جوتي سروپ! سڀني جيو جنتن ۾ جا جوت وسي ٿي، سا تنهنجي جوت آهي. اُنهيءَ جوت جي پرڪاش ٿيڻ ڪري گيان اُپن ٿئي ٿو. ڪيول سٽ گورن جي اُپديش دوارا ئي اُنهيءَ جوت جو درشن ٿي سگهي ٿو. هي پريتم پيارا! منهنجو ڀونر روپي من تنهنجي ڪنول روپي چرڻن ۾ لڳي رهيو آهي مونکي رات ڏينهن تنهنجي امرت رس پيئڻ جي

روُئي ڏٺا ڀانئيو ڪنهن جي ٻارڻ کان سواءِ ٻيا ٻرن. هي ٻيارا، اوهين ٻه چار ڏڪا چندن چوُري جا ڪٽي آڻي ٽانڊو رکي واس ڌوپ ڪريو ٿا ۽ سمجهو ٿا ته صاحب انهيءَ ڪري راضي ٿيندو، پر پرماتما جي آرتيءَ ۾ ساري دنيا جي چندن جا وڻ پنهنجي سڳنڌ ڏئي واس ڌوپ پيا ڪن، جنجي اڳيان اوهانجو واس ڌوپ ڪي ٻه ڪينهي. اوهين ٺاڪر لي جوُتر ڏيکاريو ٿا، پر ڏيکاري ڏيکاري ٿڪجي پئو ٿا. سچو پچو جوُتر ته پون آهي، جو ٻارهو ئي پيو لڳي. اوهين ٿورا گل ڦل آڻي ٺاڪر جي مورتيءَ تي ٿا چاڙهيو ۽ اِنهن ٻيا ڀنيو ته انهن گلن تي ايشور راضي رهندو. هنڪي اوهانجي گلن جي ڪهڙي ڳڻپ آهي؟ جاڪاڻ جو هيءَ ساري ونسپتي قسمين قسمين سڳنڌي ۽ رنگا رنگي گل ڦل ڪڍي سمورا پنهنجي سواميءَ اڳيان ارداس رکي ٿي. اوهين ٺاڪر جي اڳيان ٽلون ۽ قسمين قسمين باجا وڄايو ٿا، پر هتي سچي ٺاڪر جي اڳيان اناهدي شبدن جا باجا ساري برهمانڊ ۾ سدائين پيا وڄن ۽ هنڪي اوهانجي باجن جي ڪابه ضرورت ڪانه آهي. اِها اشچرج روپي آرتي سچي سرشٽيءَ ۾ نت پيئي ٿئي.

پنڊتن پڇيو ته سائين اوهانجو سچو ٺاڪر ڪهڙو آهي، انجو سروپ اسانکي ٻڌايو. صاحب ايشور کي سمجهائي چون ٿا ته ”هي پري پورن پرماتما! توکي هزارين نيتر

ارٿ :- سنتن جي اڳيان هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ ۽ ڏنڊوت ڪرڻ (يعني ڌرتيءَ تي پيرين پئجي رهڻ)، اُن ۾ وڏو پڄ آهي.

ساڪت هر رس ساد نه جاڻنا

تن انتر هؤمي ڪنڊاهي

ارٿ :- منمکن کي هريءَ جي رس مان سواد ڪونه ايندو آهي، ڇو جو اُنهن جي اندر ۾ اهنڪار روپي ڪنڊا آهن.

جنم جنم چلهہ چبهي دک پاوهہ،

جم ڪال سهہ سر ڏنڊاهي

ارٿ :- جنم جنم اهي هلندا (يعني سنسار ۾ ورلن ٿا)، لنن لنن اُنهن کي اهي ڪنڊا چڀن ٿا، لنهن ڪري دک پائين ٿا ۽ جم ڪال جا ڏنڊا سر لي سهن ٿا.

هرِ جن هرِ هرِ نامِ سماڻي،

دک جنم مرڻ ڀؤ کنڊاهي

ارٿ :- هري جن جي هريءَ جي نام ۾ سمايل آهن، سي سنسار جي جنم مرڻ جا دک ناس ڪن ٿا.

ابناسي پرک پائيا پرميسر،

بهہ سوڀ کنڊ برهمنڊاهي

ڀاس آهي. هي پرم پتا! اعائي لنهنجي ايان ملهنجي
رناس آهي ته مون چالرڪ کي پهنجي ڪرپا جي سوانتي
وند بخش، جنهنڪري نام ۾ سدا وانسو ٿئي.*

راڳ- گوڙي پوربي دهلا چوتان

ڪامِ ڪروڌِ نگر بهُ ڀرِيا،

مِلِ ساڌو کنڊَل کنڊاهي

ارت :- هي سرير روپي شهر ڪام ڪروڌ آدڪ
وڪارن سان ڀرپل آهي، جي ستن (يعني گورن) جي
سنگ ڪري ناس ٿين ٿا.

پوُرب لِکت لکي گور پائيا،

مَن هرِ لِوَ مَندَل مَنڊاهي

ارت :- اڳين ڄنمن ڪرمن جي ڪري گورو اسان کي
پراپت ٿيو، جنهن گوروءَ اسانجي من کي هريءَ جي لنوَ
۾ استپت ڪيو. مطلب ته گوروءَ اسان سان اهڙي دَيا
ڪئي، جو اسانجي چت جي ورتي سنسار کان ڪڍي رجي
سائيءَ سان لڳي.

ڪر ساڌوُ انجلي پُنَ وڏاهي

ڪرِ ڏنڊوُت پُنُ وڏاهي (رهاءُ)

ايها کاٿ چاله هر لاها،

آکي بسن سهيلا

ارٿ:- هتان (يعني هن لوڪ مان) هري نام روپي مائدو وٺي هلو ته اڳتي (يعني پرلوڪ ۾ اوهانجو) رهڻ سکيو ٿئي.

اوڏ گهڻي ڏنس رهٽا ري،

مَن گور مِل ڪاج سنواري (اِڪ رهاءُ)

ارٿ:- هي من رات ڏينهن عمر پئي گهٽجي، تنهن ڪري گورو سان ملي پنهنجا ڪارج سنوار.

اِهُ سنسار بِڪار سنسي مهِ،

تَريو برهم گياني

ارٿ:- هي سنسار وڪارن ۽ سنسن ۾ پيل آهي، اُن ۾ فقط ڪو برهم گياني تري وڃي ٿو.

جسِهِ جگاءِ پياوئي اِهُ رس؛

اڪٿ ڪٿا لِنِ جاني

ارٿ:- جنهن کي پرميشور جاڳائي اهو نام روپي رس پيارو آهي، اُهي ئي پرميسر جي اڪٿ ڪٿا ڄاڻي آهي.

ارٿ :- اُنهن اڪال پورکن، جو ڪڏهين ناس نٿيندو ۽ نه آهي، تنهن کي پالو آهي، جنهن ڪري اُنهن جي گهٽي ناموس ڪندن برهمڻن ۾ ٿي رهي آهي.

هَمَ غريبَ مَسڪينَ پربَ تيري،

هرِ راکُ راکَ وڏ وڏاهي

ارٿ :- هي پرڀو! اسين غريب ۽ ڪنگال تنهنجا آهيون. هي هري، اسان کي بچائي وٺ، بچائي وٺ، تون وڏن ۾ وڏو آهين.

جَنِ نانڪَ نامْ آڌارُ ٽيڪَ هيِ،

هَرِ نامي هي سُکْ مَنڊاهي.

ارٿ :- داس نانڪ کي هي هري تنهنجي نام جو ئي آسرو ۽ ڀروسو آهي، ڇو ته اسان ڪيول هريءَ جي نام جي سک کي قائم ڪيو آهي.

راڳ گوڙي پوربي محلا پنجوان

ڪَرِ بينَتي سُنُهُ ميري ميتا،

سَنتَ ٽهلَ ڪي بيلا

ارٿ :- هي مترو، مان وينتي ڪريان ٿو، اُها ٻڌو: هي مکا جنم سنتن جي ٽهل جو ئي وقت آهي.

ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد
ايڪ اونڪار ستگور پرساد

Published by Shri Varandmal D. Aswani in the memory of his beloved Son late Shri Mohanlal Aswani
&
Printed at Sunder Printing Press, Kaiser Ganj, Ajmer

جاڳڻ آئي سوئي ڀاڄهه،

ھـرِ گهوَرَ ڏي مُنهن پَسيرا

ارٿ:- هي مترا! جنهن لاءِ لون هٿي آهيو آهين تنهن هري روپي پدارٿ کي هرهنڌ ڪر ۽ ياد ڪر ته هري جي من ۾ واسو گورون دٺاران ٿيندو.

نِجَ گهرِ مَحلُ پاوهُ سُکَ سِهجي،

ڀهُر نه هوئِگو ڦيرا

ارٿ:- اِئين ڪرڻ سان پنهنجي هردي ۾ سروپ جو سک سهجئي پائيندين، پوءِ تنهنجو جنم مرڻ ۾ ڦيرو وري نه ٿيندو.

انترجامي پُرکهه بِڌاتي، سَرڌا مَنَ ڪي پوُري

ارٿ:- هي انترجامي! هي پورن پورکه! هي رچڻ هار! هي من جا منورٿ پورڻ ڪرڻ وارا!

نانِڪَ داسُ اِهي سُکُ مانگي،

موکهُ ڪرِ سَنتن ڪي ڌُوري.

ارٿ:- داس نانڪ اِهو سک توکان گهري ٿو ته مونکي سنتن جي ڌوڙ ڪر.